
پرم پوڄيہ سنت شري آشارام مهاراج جن

جي امرت واڻي

مهڪ مسافر

Guru Dev Paramhans Parampujya Vedant Kesri

108 Shri Swami Nirmalji



گرو ديو پرم هنس پرم پوڄيہ ويدانت ڪيسري

١٠٨ شري سوامي نرمل جي مهارج

پوتر ياد ۾



ٻاربتي هرڪشن واڌواڻي

سرڳواس: ٩-٧-٨٥

منهنجي ڌرمپتني ٻاربتيءَ جي ياد ۾ آرپڻ ڪريان ٿو هي اَملهه پستڪ **”موڪ مسافر“** سنت **شري آشارام صاحب** جو.

شيوا ۾:-

پتي: **هرڪشن (ڪشو) واڌواڻي**

پٽ - نهن - ڌيءُ ۽ ناٺي

ٻه اکر

هيءُ پستڪ آهي ته هڪ دفعي ئي
سمجهڻ جهڙو ٻر جي ري دليو پڙهيو هجيو
ته مهرباني ڪري ٻيهر سان ٻيو دفعو ضرور
هٿ ۾ کڻجو.

اَڌ ڪلاڪ جي "موهڪ مسافر" ۾
يقين ڪريو ته زندگيءَ جي هر پل ۽ پهلوءَ
جو راز سمايل آهي.

پارٽيءَ جا
ڊائر ۽ پيمر

Phone : 216828

H. L. WADHWANI

Sea Loard A. 7th Floor. Flat No. 5,

Cuffe Parade, Bombay - 5.

موڪ مسافر

विश्वं स्कुरिह यतेहं तरंगा इव सागरे
तत्वमेव न संदेहश्चिन्मूर्ते विज्वरो भव
श्रध्दत्सव तान श्रध्दत्सव नात्र मीह कुरुष्व भा:
ज्ञानस्वरुपो भगवानात्मा त्व प्रकृते पर:

(अष्टावक गीता)

جنهن هنن هي سنسار سامونڊي لهرن جيئان هلندڙ هوندو آهي سو تون ئي آهين. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي. هي چيتنيہ روپ سنتاپ کان آجو ره. هي سوميہ هي پيارا شرڌا ڪر شرڌا ڪر. انهيءَ ۾ سنسو نه ڪر. تون گيان روپي ايشور پرماتما پرڪرتيءَ کان پري آهين.

جي تون پنهنجو پاڻ کي جسم سان جوڙيو ته پوءِ تو ۾ ڀؤ ضرور پيدا ٿيندو ڇو ته جسم لاءِ موت اٽل آهي؛ جسم جو بدلاءُ لازمي. انهيءَ کي خود برهما به روڪي نٿو سگهي. پر جي تون پنهنجي پاڻ کي- پنهنجي آتم

ضرورت ئي ڪونہ آهي.

چنتا، ڀؤ، وياڪلتا ۽ تڪليف کي ڦٽو ڪر. اوڏانهن ڌيان ئي نہ ڏي. بيڀائيءَ ۾ تنهنجي سڄي شڪتي سمايل آهي. تنهن ڪري بلڪل بيڀو ٿيءُ. پوءِ تنهنجو ڪير ڪجهہ ڪونہ بگاڙي سگهندو.

ديهہ تان ڌيان هٽائڻ ساڌنا جي بلند چوٽي آهي. جنهن لاءِ ڀڄڻ ضروري آهي. مرڻ کان اڳ، جسم جي موهہ کان بہ پار پوڻو آهي، نہ تہ وڪار ۽ ڪرمن جون ڪڙيون تنهنجي پٺ اصل ڪونہ ڇڏينديون ۽ نہ وري تنهنجي هردي ۾ ايشور جي آراڌنا جا گيت ئي گونجندا نہ تون پرماتما جو ديدار ئي ڪري سگهندين. جيستائين هن هڏن، ماس ۽ چم جي جسم کي "مان" سمجهي وهندين تيستائين بدقسمتي تنهنجي پٺ ڪونہ ڇڏيندي. انسان جو درياهہ آهي جنم مرڻ جو بندن.

هڪ ڏينهن هيءُ سڀ هٽ ڇڏي هليو ويندين ۽ پلڪ پوندءِ رڳو پڇتاءُ. تنهن کان اڳ ئي پنهنجي موهہ ۽ ممتا روپي بندن کي وويڪ روپي خنجر سان ڪٽيندو رهہ. ٻاهرئين-بدي پل پنهنجي دوستن کي دوست ۽ مائٽن کي مائٽ سمجهہ پر هردي ۾ اهو هردم هجاءِ تہ ڪو سڄو ڪو پار آهي ۽ نہ ڪو سڄو سنبنڌي. ڇو تہ آخر سڀ ساٿ ڇڏي ويندا. منهنجو تہ سڄو ساٿي، سڪا سنبنڌي اهو ئي آهي جو انت تائين تہ ڇا پر مرڻ

سروُپ کي سڃاڻو آهي ۽ ٻڌهجو انهيءَ ۾ عقيدو آهي ته توُن ٻيئ ٻو آهين تو مان پڻ نکري ويندو ڇو ته آتما اَمر آهي، آتما کي ڪال ڇا ڪندو. موُت پاڻ انهيءَ آتما جي سروُپ کان ٻيو ڇرڪي.

سک ۽ ڏک جا درشيه نه پيا ايندا ۽ ويندا. ٻردي کي ڇا آهي؟ گهڙيءَ فلمون ۽ انهن جا نظارا آيا ۽ ويا، پر پردو اُتيءَ پڌهجيءَ مهما ۾ ٻيٺو آهي. توُن ته ڇاتي توکي ڇئن، "سک پا ڏک، وٺندڙ پا اَٺو ٺندڙ جنهکي اچڻو هجي سو اچي ۽ جنهن کي وڃڻو هجي سو وڃي." مونکي ڪاٻه چنتا نه آهي سنسار جي ڪنهن به نظاري کي حقيقت نه سمجهه، پڌهجي مستيءَ ۾ مست رهه. ٻس تماشبين ٻڻجي سنسارڪ نظارن جو ٻيو ديدار ڪر.

ٻاهر کهڙي به گهٽنا ٿي هجي. ڪابه واردات ٿئي اها پلي ڪيترو به ٻڌهجي سڀاو جي خلاف هجي پر ڏکي ٿيڻ جي ضرورت نه آهي. ڇو ته اها به نيٺ ٻڌهجي ئي فائدي لاءِ پيئي ٿئي. جي توُن پڌهجي پاٽم ئي رهين ته توکي مليل سراپ به تو لاءِ وردان ٿي پوندو. هميشه اهو ڌيان رکه اُروشيءَ ارجن کي سراپ ڏنو هٿو ته توُن سڄو سال نپنسڪ رهندي. پر اهو سراپ به ارجن لاءِ سندس ٻنواس وقت وردان ثابت ٿيو.

خلافت کان نه ڊڄ. سدائين شانت ٻيٺو ٿيءُ. پيانڪ نظارا رڳو خواب آهن ۽ خواب کان ڊڄڻ جي

پاڻ ۾ ڳولهڻ لاءِ ۽ پاڻ کي پائڻ لاءِ. ڪنهن جي مجال آهي جو هن جسم جي وقت ۽ طاقت کي ۽ ڪي ڪجهه ڪري سگهڻ جي شڪتيءَ کي ڪير چوُسي ۽ نچوڙي سگهي جو مان آتم گيان پائڻ ۽ آتم درشن جي مهان لڪش تائين پهچڻ کان وانجهجي وڃان! مٽن مائٽن ۽ يارن ۽ دوستن، رشتن ۽ ناتن کي ايتري اهميت نه ڏي جو هو تنهنجيءَ سچيءَ سادنا جي آڏو اچن. منهنجو خاص مقصد ته سادنا آهي. باقي ٻيا سڀ ڪم پوءِ. ڇو ته سواءِ سادنا جي ٻيا سڀ ڪم منهنجا داس آهن. منهنجا غلام آهن. اهڙو محڪم ارادو رک ۽ پنهنجيءَ راهه تي اڳتي وک وڌائيندو رهه. تنهنجا قدم هڪ ڏينهن توکي تنهنجي منزل تائين ضرور پهچائيندا.

ڪنهن به قسم جي سهوليت جي آس نه ڪر. سنسار جي معمولي وشين کي پائڻ جي ڪامنا نه ڪر. وشين جي ڪامنا ڪهڙي به هجي توکي اٻالو بڻائيندي. تون ويچارو ٿي پوندين. ۽ اهڙن اٻالن کي ايشور ڪونه ملندو آهي. ڪمزور آتما پرماتما کي ڪٿان پائي سگهندين. تنهنڪري ايشور جي آرادنا ڪرڻي اٿيئي ته خود ايشور بڻجي ڪر. ديون جي پوڄا خود ديو بڻجي ڪر. جيئن پرم پتا پرميشور واسنا رهت آهي ۽ نرڀئه آهي، نراڪار آهي، آنند-سروپ آهي تيئن تون به نرواسنڪ، نرڀئه ۽ آنند ۾

ٻچاڙا ۽ منهنجو ساٿ نه ڇڏيندو.

دينتا ۽ هينتا پاپ آهي. تون نه موت کي ۽ ٻيڊپو
ئي ڇڏ. نه هي ڪال! تون منهنجو جسم نه مونکان ڦري
سگهين ٿو ۽ مونکي ڪجهه ڪري نٿو سگهين. تون ڇا
ٻچاريندين مونکي!! هيءُ سنسار جون رنگينيون ۽
سنسار جا ٻراوين ۽ موهه مونکي هيٺ ڀيلائي ۽ پڪائي
نٿا سگهن. مونکي منجهائي نٿا سگهن. ڇو نه مان انهن
جي اصليت سمجهي چڪو آهيان. هيءُ سنسار جا دک
۽ سک، رسمون ۽ رواج مونکي هيٺ نچائي ڪين
سگهندا. ڇو نه مان اڳيچار ڪندن تي ۽ قدم رکي
وک وڌائي سگهان ٿو. هزارين لاهين ۽ چاڙهين ۾ اس
ڏيان روپي اکين سان ڏسي سگهان ٿو. مان نه آتما
آهيان. آتما کي ڪنهن جو ڊپ؟ آتما کي ڇو ڀئو؟
آتما جو نه ڪڏهن ڪجهه بگڙيو آهي ۽ نه بگڙجندو.
آتما کي نه ڪجهه ٿيو آهي ۽ نه وري ڪجهه ٿيندو.
شاباس آهي! شاباس آهي!! شاباس آهي!!!

ڪٽمبين جي موهه ۽ ممتا ڏان پاڻ کي ٻري رک.
اهو مڪم اهو اٽوٽ سنڪلپ ڪر نه هيءُ ناسونت
شرير نه منهنجي پنديءَ ۽ ٻرٻوار لاءِ آهي ۽ نه وري
گهر ۽ دڪان لاءِ آهي ۽ نه وري دنيا جي بيسود ۽
معمولي شين کي گڏ ڪري جوڙي رکڻ لاءِ. هيءُ انمول
۽ دلڀ شرير نه آهي آتم گيان پائڻ لاءِ. پنهنجي پاڙڪي

ٻڌجي ٻوي تہ اھو سندس درياڳہ آھي. ھا انھن سڀني
کان متاثر ٿيڻ جو ٻ ونگ تہ ڪري سگھين ٿو. اھڙو
ناٽڪ تہ ڪري سگھين ٿو پر جي سچ پچ انھن ۾ الجھي
پيو آھين تہ پڪ ڄاڻ تہ تنھنجو اگيان اڃا جاري آھي.
تون پنھنجو پاڻ ۾ نہ آھين.

ڪڏھن اداس نہ ٿيءُ. سدائين خوش رھہ. سدائين
ڪلھندو رھہ. تون تہ خود ئي آنند سروپ آھين. ڀؤ، دک
چنتا، غم تہ تو لاءِ ڄاوا ئي ڪونہ آھن. اھا پڪ ڄاڻ
۽ پنھنجي سڀاءَ ۾ سدائين مست رھہ. سڄو سنسار تنھنجي
ئي رچنا آھي. سنت پرش انھيءَ ڳالھہ جو آزمودو ڪيو
آھي. مھا پرش انھيءَ ڳالھہ جي حمايت ڪئي آھي.
ٻوءِ تون پنھنجو پاڻ کان، پنھنجيءَ ڪرپا ۽ ڪرمن
کان پيو ٿو ڇين، پنھنجي پاڻ کان پيو گھبرائين. سڀني
ڀؤ ٻوالا ڪيئي قتا ڪر. ڪنھن بہ چنتا ڪي، دک ڪي،
غم ڪي ۽ ڀؤ ڪي پرسان اچڻ ئي نہ ڏي. اڙي تون تہ
خود ھن سنسار جو شھنشاھ آھين. تون تہ پاڻ پرميشور
آھين. پنھنجيءَ الوڪڪ شڪتيءَ ۽ پاڻ ۾ ايشور تتو
جو احساس ڪر.

پنھنجو پاڻ ۾ ايشور جو احساس ڪر تہ توکي ڪوبہ
نقصان پھچائي ڪونہ سگھندو. سڀئي اوتار، ديو ۽
ديوتائون تنھنجيءَ ڀيٽ ۾ توکان گھٽ آھن. تو پنھنجيءَ
ڪلپنا سان انھن کي وڏو بڻايو آھي. ۽ انھيءَ ڪري

رهه. اهائي ايشور جي آڀاسا آهي. پرماتما جي پوڄا آهي.

تو پنهنجيءَ مهما کي نه سڃاتو آهي. تون پنهنجيءَ وڏائيءَ کان به واقف نه آهين ۽ اهوئي سبب آهي جو هر ڳالهه توتي پنهنجو اثر ٿي ڪري. تون ڪڏهن مسخرن ته ڪڏهن پهلوانن، ڪڏهن بازيگرن ته ڪڏهن جادوگرن، ڪڏهن ودوانن جي واٽيءَ سان ته ڪڏهن جوتشين جي اڳڪٿيءَ سان، ڪڏهن مردن ته ڪڏهن عورتن سان ۽ ڪڏهن ته وري سنيما جي پڙدي تي هلندڙ ڪوڙن نظارن سان به متاثر ٿي ٿو وڃين. انهيءَ جو سبب رڳو اهو آهي ته تو پنهنجو پاڻ کي سڃاتو ڪونه آهي. پنهنجي اصلي سروپ کي سمجهيو ئي ڪونه آهي.

تو ۾ جو تون ويٺو آهين انهيءَ کان به تون بي خبر آهين. اڙي پنهنجي ئي سروپ ۾ اهڙا سوين ودوان ۽ ليکڪ جادوگر ۽ بازيگر، پنڊت ۽ پهلوان، هزارين جوتشي ۽ ليکڪ پرش ۽ استريون سمايل آهن. سڀ تو ۾ ئي آهي. توکان ٻاهر ڪجهه ڪونه آهي. جي تون ڪڏهن به ٻاهرين انسان يا حالات جي اثر هيٺ آهين ته پڪ سمجهه ته تون مالڪ هوندي به نوڪر آهين. سوامي هوندي به داس آهين. رانديگر پنهنجي ئي رچيل راند ۾ الجهي پوي، تماشبين پاڻ ئي تماشائي

الاهي طاقت، ايشور جي اپار شڪتي تنهنجي سامهون تنهنجيءَ مدد لاءِ بيٺي آهي. ڪوڙين سنسڪارن کي ساڙي ڇڏ. پنهنجي هين ويچارن کي ماري مهان بڻج. وچار ڪر تہ سنسار منهنجي ئي سنڪلپ سان بڻيو آهي. انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ مان ئي جڳت پتا آهيان. مان ئي پوڄنيہ شرشٽ گرو آهيان. سنسار انسانن جو آرام گاھ آهي. انسان هڪ وشال وڻ آهي. جنهن ۾ آتما جو واس آهي.

جنهن جو آڪار آهي سو ڪوڙ آهي، جنهن جو آڪار نہ آهي سو سچ آهي. سڄو جڳت نرآڪار آهي. سڄي جڳت کي شو سمجھہ.

وواڌن ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي،
تون شڪ شبها شنڪا ڇڏ سڀ مٽائي،
تون نشڪام ٿيءُ بيدپو ۽ بيچنتا،
ٿيڻ ڏي ٿئي جو يا ٿيڻو جو آهي.

جڙ چيتن، استاور جنگم، سڄو چراچر جڳت هڪ برهم آهي ۽ اهو برهما مان آهيان. هي سڀ منهنجو ئي سروپ آهي. ٻيو ڪجھہ ڪونہ آهي.

جيڪي ڪجھہ تون ڏسين ٿو سو سڀ تون ئي آهين. راجا ديو ديوتائون بہ تو اڳيان بيهي ڪونہ سگهندا. تنهنجي ڪم ۾ وگهن وجهڻ جي سمرٿي ڪنهن ۾ آهي ئي ڪونہ. تنهنجا پرم ۽ پولا شڪ ۽ شنڪائون تنهنجي

توکي اهي توکان وڏا پيا لڳن. رام ۽ رحيم ته تنهنجا شيوڪ آهن. توکان وڏو ڪير ڪونهي. ٻاهرئين ماحول ۾، ٻاهرين حالتن ۾ ايترو دم ڪونهي جو توکي ڏٻاري سگهن. جيستائين تنهنجي اندر ڊپ ڪونه آهي تيستائين ڪنهن ۾ شڪتيءَ ۾ توکي ڏٻارڻ جي همت ڪونه آهي. جيڪو خود راجا آهي، خود حالتن کي هلائڻ وارو آهي، جيڪو سڀني کي هلائي ٿو ۽ سڀني جو خلقيندڙ آهي تنهن کي ڀلا هڪ پل ۾ ڪير ڏوڙائي سگهندو؟ حالتن کان ڏڄڻ پنهنجي پاڇي کان ڏڄڻ مثل آهي.

تون محسوس ڪر ته هيءَ سڄي رچنا ئي منهنجي رچيل آهي. سنسار نه هئو، نه آهي ۽ نه وري رهندو اهو پڪ ڄاڻ. پاڻ کي گهٽ سمجهڻ، پاڻ کي ڏين هين سمجهڻ ۽ حالتن اڳيان جهڪي پوڻ پنهنجيءَ آتما کي مارڻ مثل آهي. اهو ويڪ جو ڪوس ڪرڻ آهي. تو ۾ ته الوڪڪ شڪتي آهي. تون ديوي شڪتيءَ جو مالڪ آهين. جنهن سان تون جيڪو چاهين ڪري سگهين ٿو. تون هر حالت کي بدلي سگهين ٿو. حالتن کي بدلڻ صرف تنهنجي ئي هٿن ۾ آهي.

تون نه ڏين آهين نه هين آهين. تون سمرٿ آهين خود پرماتما آهين. تون ڪمزور نه آهين. نندو نه آهين. ڪنهن کان گهٽ نه آهين. تون ته سرو شڪتيوان آهين

ڪر، جڏهن خيال مان ڏپ ۽ چنتا ٽٽي اُنهيءَ خيال
کي تياڳي نه سگهه ٿي سگهه آهي. شانتي ئي شانتي. جي
توکي سگهي ۽ شانت زندگيءَ جو مزو وٺڻو آهي ته
مستقبل جو ويچار ڇڏ. سچائي تنهنجو سگهه، ٿيندو اهڙو
اٽل وشواس سدائين من ۾ ڌار.

جيڪو پاڻ کان سواءِ ٻئي کي ڪين سڃاڻي اهو
ڀرم آهي. تنهنجي ويچارن جو ڦهلاءُ ئي سنسار آهي.
اها حقيقت آهي ته سڄو سنسار توکان الڳ نه آهي.
تنهن ڪري اُنهيءَ کان ڀڄڻ جي به ضرورت نه آهي.
سنسار کي اندرئين اک سان ڏس. آتمڪ گيان سان ڏس
ته توکي نڪو ورود نظر ايندو ۽ نه گهٻي ۽ فڪر
۽ نه وري ابرڪا ۽ دويش.

آتمڪ شانتي انهن کي نصيب ٿيندي آهي
جن پنهنجو پاڻ ۾ پيهي چمڪ جي ٿڪاوٽ کي تياڳيو
آهي. تون جيترو سڀ جو ڀلو سوچيندين سنسار اوترو
ئي تنهنجي چرڻن ۾ ايندو.

اڄ تائين تو رڳو مندرن ۽ مسجدن تي مٿو رڳڙيو
آهي ۽ رڳو ديوين ۽ ديوتائن جي پوڄا ڪئي اٿيئي.
جي ڪڏهن سچ پرش سان انترمک ٿيڻ سگهين ان جو
ابياس ڪندين ته ديوين ۽ ديوتائن به تنهنجو ديدار
ڪرڻ پاڻ ايندا آهن.

پرڀات ويلي ساڌڪ کي جيڪا پرڀوتا ملندي آهي

جيون کي ناس ٿيا ڪن. ٻڌ ۽ پريم کي جيترو هردئي ۾ جاءِ ڏيندين اوترو ئي تون پنهنجي ترقيءَ کان پري ٿيندين.

هر حال ۾ سانتيڪو رهڻ وڏي تپسيا آهي. انهيءَ کان وڏي ڪا تپسيا ڪونہ آهي. سدائين خوش رهڻ جي ڪنجيءَ جهڙي ٻي ڪا ڪنجي ڪونهي ۽ آتم گيان جهڙو گيان ٻيو ڪو آهي ئي ڪونہ. انهيءَ گيان اڳيان ٻيا سڀ گيان ڦڪا آهن، اڻپورا آهن، اڌورا آهن.

تنهنجي نج سروپ کان ٻجي هيءَ سج ۽ چنڊ، تارا هلن ٿيا، هوائون ٻہ پيئون هلن، ڪڪر وسن ٿيا، ڪنوڻ ڪڙڪي پيئي، مندون اچن ٿيون، وقت سان پنهنجا رنگ ٿيئون بدلين. سورج رات ۽ ڏينهن ٿيو ناهي. انهيءَ آتما کي ڇڏي ٻين سان ڪيستائين دوستي ڪندين، پنهنجو گهر ڇڏي ٻين جو گهر ڪيستائين وسائيندين، پنهنجي محبوب کي، پنهنجي عاشق کي ڇڏي ڪيستائين ٻين سان ملندين؟

جيڪو هڪ سان پريم ڪندو ۽ ٻين سان دويش ڪندو سچ پچ نہ اهو پريم نہ پر موهہ آهي. ڇو تہ گياني پرم پريمي آهي ... جيون مکت آهي.

نہ وناش آهي نہ اتپتي، نہ پرماتما آهي ۽ نہ سادڪ، نہ ڪو ٻڌل آهي ۽ نہ ڪوئي مکت. اهو ئي آهي پرمارٿ. سدائين سنو ڏس تہ چت پنهنجو ڀاڳ شانت رهندو. جڏهن ڪم کان چت ڇڙڪي اهو ڪم ئي نہ

ناهه. دنيوي رشتا ناتا توکي سنسار ۾ الجهائيندا، توکي
ڦاسائيندا، توکي دکي ڪندا، پر گروءَ جي ڀڳتي
توکي جهڙا کان ڇڏائيندي. ڏانهن وٺي ويندي. گرو توکي
تنهنجي سروپ جي ويجهو وٺي ويندو ۽ تنهنجا دک
تنهنجون ڇڏائون ۽ تنهنجي جهڙا دور ڪندو.

گروءَ سان شڪايت نه ڪجانءِ. انهيءَ کي نه پنهنجو
ٻاڻ ارپڻ ڪر. شڪايتن سان تون نفعي کان وانجهجي
ويندين. گروءَ جو من ائترو نه نرمل ۽ صاف هوندو آهي
جو تنهنجو عڪس انهيءَ ۾ صاف نظر ايندو. جهڙي
ڀاونا رکندين اهائي تنهنجي آڏو ايندي. گروءَ جي
هردي ۾ اوگڻ ڏسندين ته تون به دوشي ٿيندين. جي
گڻ ڏسندين ته تو ۾ به گڻن جا ڀنڊار ڀرجي ويندا پر
گروءَ کي نرگڻ سمجهي سندس آگيا جو پالن ڪندين ته
تون به هڪ ڏينهن سڀني گڻن کان ٽري پار پوندين.

جيڪو وقت ستگروءَ جي شيوا ۽ ايشور ڀڳتيءَ ۽
ستسنگ ۾ گذاريو آهي اهو جيڪڏهن تو سنسار جي جهڙ
پدارٿن ۾ لڳايو ته تنهنجا وچار به استول ٿي ويندا.
جي تو مايا موهه ۾ ڦاسي پنهنجي سمرٿي، پنهنجي شڪتي
۽ پنهنجي ستا پنهنجي مترن ۽ مائٽن ۾ وڃائي ته ياد
رک هڪ نه هڪ ڏينهن تون نوڪر ڪائيندين، تنهنجا
سنگي ۽ ساٿي هڪ ڏينهن توکي ڇڏيندا ۽ تون دکي
ٿيندين ۽ پوءِ تنهنجو پڇتائڻ ضرور ٿيندو. جيترو ٿي سگهي

سا سدائين شيپ هوندي آهي. ڪڏهن ڪي دنيوي پريشانين ۾ ڦاسين ٿا ته مونجهيل من سان ڪو به فيصلو نه ڪجائي. اسر جي ويلي اٿي، اشنان وغيره ڪري ڪنهن ٻوهتر جڳهه تي اوڀر طرف منهن ڪري ويهو ۽ جڏهن به اشٽ ۾ تنهنجي شرڌا هجي تنهن کي سچي هردي سان من مان ملينتا ڪيي چئو ته هي ٻڌيو مونکي صحيح راه ڏيکار، مونکي سد پرڀرتا ڏي. مان ته ڪو به فيصلو ڪرڻ جي قابل نه آهيان. نردوس ويچارن سان ڪيل پراٿنا مان هميشه صحيح پرڀرتا ٿي ملندي.

جسم کي ته مرڻو آهي ۽ اها ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي. پر شرڌا جو موت ٿيو ته سمجهه ستياناس. ڏهه سال تون گروء جي آڳيا ۾ رهي پر جي تنهنجي شرڌا ويئي ۽ وشواس لڏيو ته تون ورتي اتي واپس هليو ويندين جتي تون ڏهه سال اڳ هئين.

تون پنهنجي ڪئي سان ئي پاڻ کي پنهنجي گروء جي ويجهو ۽ گروء کان پري محسوس ٿو ڪرين. گرو ته نه ڪنهن کي ويجهو آڻيندو آهي ۽ نه وري پاڻ کي ڪنهن کان پري ٿي ڪندو آهي. تنهنجي شرڌا... تنهنجو وشواس ئي توکي تنهنجي گروء کان پري يا گروء جي ويجهو هجڻ جو احساس ٿو ڪرائي.

ستگرو ئي سنسار ۾ تنهنجو سچو سنگي آهي. دوست ناهين ته انهيء کي ناه. ماءُ پيءُ ناهين ته انهيء کي

توکي صاف ستو کري برهم پد تي پهچائيندو. هو توکان وندا نظر پلي اچن پر هو وندا ڪجهه به نه. ڇو نه هو سڀ ڪجهه ڇڏي ڀوڳ تي ته ستگرو ٿيا آهن. هو نه تنهنجون تيج دنيوي مصيبتائون ٿي توکان وندا جن توکي اڏيانڪ روپ سان ڪنگال بڻائي ڇڏيو آهي.

ستگرو فنا ڪندو آهي. تون انڪار اصل نه ڪجانءِ. نه ته تنهنجي پرمارٿ جو رستو ڏاڍو لمبو ٿي پوندو. تون ڪيس سهيوگ ڏي، سندن چرڻن ۾ ڪري پءُ. فنا ٿيءُ ۽ مالڪ بڻجي وڃ. سر ڏيڻي سرتاج بڻج. پنهنجي "مان" ڪڍي مرشد بڻج. تون پنهنجو تيج ڏيڻي سندن سڀ ڪجهه جو مالڪ بڻج. پنهنجي ناسونت کي ڏئي انهن کان امر تيرٿ جو امرت وٺ. پنهنجي تيج جيوت جو تياڳ ڪري شوتو ۾ وشرام ڪر.

تنهنجي چت ۾ جيڪي سک ۽ ڏک جون، لهرڪا ۽ دويش جون ڀاوناڻون جاڳن ٿيون اها چت جي مايا آهي ۽ انهن ڀاوناڻن کي اڻاريندڙ، ساکشي کان پري آهي ۽ اهو ئي تنهنجو اصلي سروپ آهي. انهيءَ سروپ کان ٻاهر نڪري تون پرڪرتيءَ ۾ ڦٽڪين ٿو ۽ ورتين کي پاڻ سان جوڙي تون اشانت ٿو ٿين. هر پنهنجي سروپ ۾ رهندي سڀ ڪجهه ڪندي به تون ڪجهه نٿو ڪرين. ڇو ته آنند نه تنهنجو سروپ آهي.

جهڙيءَ طرح رسيءَ تي اڪيچار سانپڪليون، رڪشائون

سنگرن جو سندن حياتي هوندي ئي سندن سنگ جو لاڀ وٺ. هو تنهنجي اهنڪار کي تراشي تنهنجي شڌ روپ ۾ نکار آڻيندا. سندن جيون ڪال ۾ ئي انهن کان ڀورو ڀورو فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪر. سندن سماڌي وٺڻ کان پوءِ ٺيڪ آهي ته ٺڪاڻا ۽ مندر ٺهن ٿا. دوڪانداري به هلي ٿي. پر تون تراشجي ڪين سگهندين.

هيٺئر ته تنهنجي اهم کي به هو ماريندا. تنهنجي، پنهنجي پاڙڪي ٻين کي شرير سمجهڻ جي غلطيءَ کي سڌاريندا. پر پوءِ توکي ڪير سڌاريندو، تنهنجي ڪوڙين مڃتائن کي ڪير ماريندو؟ سندن جوتي جوت سمائجڻ کانپوءِ تون ساڌنا ته ڪندين پر نالو ٿيندو ساڌنا جو ۽ کيل کيليندو تنهنجو من. من توکي الجهائيندو جيئن صدين کان الجهائيندو آيو اٿئي.

کير کي مٽي پنهنجو دشمن سمجهندي آهي ۽ سلهيءَ (تراشيندڙ) کي پٿر. ڇو ته اهي چوٽ ٿا ڪن، ڌڪ ٿا هڻن. گرو به اهڙيءَ طرح دشمن ڀاسندو آهي، ڇو ته اهو به تنهنجي جسماني موه (سو ايمان) تي هٿوڙو ٿو هڻي پر هو تنهنجو دشمن ڪونه آهي. دشمن لڳي ته به تون سندس دامن غلطيءَ سان به نه ڇڏجانءِ. ڌيرج ڌاري پنهنجيءَ ساڌنا ۾ لڳو رهجانءِ. هو توکي ڪنچن (سون) وانگر تپائي پنهنجي ئي سروپ وانگر ٺاهي ڇڏيندو. تنهنجو سو ايمان روپي مٽل ڪڍي

ڪير تنهنجو ايمان ڪري يا تنهنجي گلا ڪري ته
پرواه نه ڪر. پرماتما جا ٿورا مڃ جو تنهنجو اهنڪار
ڀڃڻ لاءِ ايشور انهيءَ ڪري تنهنجي گلا يا بي عزتي
ڪرڻ جي پرپڙا ڏني. بي عزتيءَ کان خار نه کاءُ. اهڙي
موقعي کي ساڌنا موقعو سمجهه. سدائين ياد ڪر ته
نندڪ ۽ ايمان ڪندڙ تنهنجو جيترو ڀلو تو ڪري اوترو
تنهنجي ساراهه ڪندڙ به ڪو نه ڪندو.

سک کي مستقبل ۾ ڳولهڻ اجايو آهي. مون کي
هيءَ ملندو ته مان سکي ٿيندس. مان هيترو ڪندس
ته مونکي سک ملندو. اهو سوچڻ بيڪار آهي.
هلندڙ وقت ۾ ئي سک ڳولهڻ کپو ته مستقبل ڪڏهن
ايندو ئي ڪو نه آهي. جيڪڏهن ايندو به ته زمان
حال بڻجي.

تون آنند سروپ آهين. تو کي ڪير دکي ڪري
سگهندو؟ هڪ به نه جا... جڳتر جا سڀ ماڻهو گڏجي
۽ ايستائين جو ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتائون به گڏجي توکي
دکي ڪرڻ چاهين ته دکي نٿا ڪري سگهن. جيستائين
تون خود دکي ٿيڻ لاءِ تيار نه آهين. باهران دکه ۽ سکه
جون حالتون پيدا ڪري سگهجن ٿيون. پر سکي ۽
دکي ٿيڻ رڳو تنهنجي ئي وس ۾ آهي. جيستائين تون
اندران اجازت نه ڏيندين ٿيستائين نه تو وٽ سکه ايندو
۽ نه وري دکه ئي ايندو.

ڳائيون ۽ مينهون ڏاند ڳائيون هلن ٿيون پر هلن اڇل سڙڪ جي آڌار لئي ئي ٿيون. اهڙيءَ ريت لنگهندي آتما اڇل آهي ۽ انهيءَ تي، ورتيون هلن ٿيون. جهڙيءَ ريت سروور ۾ لهرون اٿن ٿيون اهڙيءَ ريت لنگهندي آتم سروپ ۾ ـــ ورتيون رهي لهرون اٿن ٿيون ۽ سمائجي ٿيون وڃن.

روز مره جي وهنوار ۾ چنتا رهي راکشياڻي پيٺي ڏسجي. اها انهيءَ کي ئي کائي ٿي جن لاءِ هيءُ جڳت سچو آهي. جن کي هيءُ سنسار ئي هڪ خواب پيو لڳي انهن کي وقت حالتون ۽ چنتائون ڇا ڪنديون.

هڪ ئي مندر ۽ هڪ ئي مسجد ۾ وڃڻ مان ڪهڙو فائدو؟ سچو جڳ مندر منهنجي هل. اهڙي جيوت ڏهار جو جيڪي کائين اهو پرساد بڻجي پوي ۽ جيڪو چوين سا امرت واڻي. جيڪو ڪرين سا ڀڳتي ۽ سادنا ٿئي ۽ جيڪو سوچين سو آتم چنتن.

تو جڏهن سچ جي راهه تي قدم رکيو ئي آهي ته اهو وچار ئي نه ڪر ته لنگهندا ڏينهن ڪم پورا ٿيندا يا نه. پر جي ڪجهه اڌورا رهيا ته ڇا ٿيو؟ آخر سڀ هتي ئي ته رهڻو آهي. سڀ ڪجهه هتي ڇڏي ئي هلڻو آهي. اڌورو ته اڌورو آهيئي پر جنهن کي سنساري ماڻهو پورن سمجهي ويٺا آهن، اهو ته اڌورو ئي آهي. پورن ته هڪ پرماتما آهي انهيءَ کي ڄاڻڻ بنا سڀ ڪجهه سمجهڻ ته بيڪار آهي.

(جڙ) کان پيو ڀڄين! جيئرو هوندي به موت کان پيو
ڀڄين. امرت جو پيدا هوندي به، موت کان پيو
ڀڄين. هي ٻئي پنج تتو تنهنجا ئي ٺاهيل آهن. ٻ پ ۽
جڙ کي پري ڦٽو ڪر.

ڌن دولت، راڄ پاٽ ۽ عزت، شان مان ملڻ ڪانپوءِ
به توکي ڇا کپي؟ تون ٻين جي چاپلوسي ڇا لاءِ ٿو
ڪرين؟ ٻين ماڻهن کي خوش رکڻ جي پيو ڪوشش
ڪرين. ڪنهن جي لاءِ. سماج کي سٺو لڳي اهڙو ٿي
وهنوار ٿو ڪرين، ڇا لاءِ؟ سک جي لاءِ ئي نه؟ ڇا
پوءِ به سک رهيو؟ تنهنجو سک ٽڪي ڪونه ٿو؟ ۽
گيانيءَ جو سک مٽي ڪونه ٿو ڇو؟ ڇو ته گياني گڻن
کان پري آهي ۽ اسين گڻن لاءِ پنڪون پيا.

دک ۽ چنتائن کان پري نه ڀڄ. انهن کي پاڻ
ڏانهن اچڻ جو نوتو ڏي ته هو تو وٽ اچن. ڏس ته
سهين ته ڏک ۽ چنتائون آهن ڪٿي، اهي رهن ڪٿي
ٿيون. پوءِ خبر پوندءِ ته اڙي اهي ته آهن ئي ڪونه.
سڀ رڳو خيال ئي خيال آهي. جيڪو ڪجهه آهي
اهو ڏسندڙ جي اکين جو دوکو آهي. نظر بندي آهي.
تون درشتا آهين. پاڻ کان الڳ سمجهڻ، پنهنجي
گيان درشٽيءَ کان ڪجهه به هيٺ جهڪائڻ ته سمجه
ته ڏک ئي ڏک تو اڳيان بيٺا هوندا. گيان درشٽي آئي
ته اٿو ٿيندڙ به وٿندڙ لڳندو. خراب به سٺو لڳندو.
ورودي به دوست ڀاسجي پوندا.

منصور کي ماڻهن سوريءَ تي چاڙهيو پر تڏهن به کيس ڊکي ڪري نه سگهيا. هوُ سوريءَ تي به مشڪندو رهيو.

ڪاٻه حالت، ڪو به دک توکان وڏو نه آهي. پوءِ حالتن کان، دکن کان ۽ ڀؤ کان ڊڄڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ تون اسٿر آهين، اچل آهين. باقي ٻيا سڀ لڳ ڀڳا هلن، پيا بدلجن. فلم جو پردو اسٿر آهي پر فلم جا نظارا بدلجن پيا. ٻاهريون حالتون ڪيترو ئي ڀيانڪ لڳن. دک پهاڙ لڳن، هر طرف اونده ئي اونده نظر اچي، ڪوئي رستو نه سجهي پر پنهنجا سڀئي مخالفتي ٻڌجي پون، سڀ جڳتر پل تو اڳيان تلوار کڻي بيهي پر تڏهن به ڀڄ نه ڪر. همٿ رک. ڌيرج ڌار. سڀ تنهنجي ئي مايا آهي. انهيءَ کي حقيقت نه سمجهه. پنهنجي نج آتم سروپ کي ڄاڻائي انهن سڀني کي نظرانداز ڪري ڇڏ. وقت جو بدلبو ۽ ڀيانڪ طوفان به اڏامي ويندو. حالتن ۾ اهڙي ڪهڙي گنڀيرتا آهي جنهن کي تون هٽائي نٿو سگهين.

هيءَ جڳ توئي جوڙيو آهي. تو پنهنجي ئي آنند لاءِ هيءَ رچنا رچي آهي. اڙي ديون جا ديو تون پنهنجي پاڻ کي وساري ويٺو آهين. تون پنهنجيءَ ئي رچنا کان ڀيو ڀڄين. ڀڄ ۽ هٻڪ کي ڪڍي ڦٽو ڪر. سچ ٿي به ڪوڙ کان ڀيو ڀڄين! ڇيٽن ئي اسٿول

سگهندو؟ گيانوان هن سنسار کي حقيقت سمجهڻ جي
ڀل اصل ڪو نه ڪندا آهن. حقيقت اها آهي ته جن
چيزن کان توهان ظاهري طرح ته گهٻرائين ٿو اهي سڀ
قدرت تنهنجي خوشيءَ ۽ سک لاءِ ٺاهيون آهن. انهن
کان اَٽو ڀڄڻ مان ڪهڙو فائدو؟ تنهنجي اگيانتائي
توکي ڀوهي ۾ پيئي وجهي نه ته ته توکي نيچو نوائڻ
وارو ڪو پيدا ٿي ڪو نه ٿيو آهي. ياد رک ته سنسار
جو سرجڻ تنهنجي سک لاءِ ٿي ڪيل آهي. سنسار جو
ڪو به پدارٿ حقيقت ۾ توکي ڏک ڏيڻ لاءِ ٺهيو ٿي ڪونهي.

سدائين اهو احساس ڪندو ره ته سکن ۽ ڏکن جا
وسڪارا ڀلي وسن پر اهي موکي منهنجي سروپ کان
وچلت نه ڪري سگهندا.

هر ڳالهه تنهنجي سوچڻ سان ٿي ٿئي ٿي. توهان جيئن
پاڻ لاءِ سوچيندين تيئن ٿي ٿيندي. پاڻ کي پاپي
چوندين ته ضرور پاپي ٿيندين. پاڻ کي اگياني
سمجهندين ته بک ئي مورک ٿيندين. پاڻ کي نبل
چوندين ته دنيا ۾ ڪا به اهڙي شڪتي نه آهي جيڪا
توکي ٻلوان بڻائي سگهي. پاڻ کي سرو شڪتيوان سمجهندين
ته سڀ ٻيچ اپار شڪتيءَ جو مالڪ ٿي پوندين.

راڪشي ويچار پنهنجي من مان چونڊي چونڊي
ڪڍي ڦٽا ڪر. پنهنجي آدرش هستيءَ جي ڇنين

آنڌي ۽ طوفان نہ منهنجو رستو روڪين،
ناهيان آءٌ انهن مان جي رستي تان موٽن،
سڀيئي ارادا ڀؤت جا اڄ جيڏدان اٿي پيا،
ڏاريا ٻڻ اڄ مونکي ٻنهنجو مٽر مڃن پيا.

ڪير آهي جو لوڪي ڏڪ ڏيندو؟ ڏکن جي ڇا مجال جو لوڪي ڇُهي بہ سگهن، جيسين لون نہ چاهين. هن اي انت برهمانڊ کي هلائڻ وارو ڇيتن لون ئي آهين.

अहो निरंजनः शान्तो बाघोऽहं प्रकृते परः।
एहा वन्तमहं कालं मोहेनैव विडम्बितः॥
अहो अहं नमो मह्य निनाशो यस्य नास्ति मे।
ब्रह्म दिस्तम्ब पर्यन्त जगन्नाशेऽपि तिष्ठतः॥

مان ٻڌوهي، شانت، گيان سروپ ۽ پرڪرتيءَ کان پري آهيان. عجب آهي جو پوءِ بہ موھ هيتري وقت کان مونکي ٺڳي نگيو آهي. برهمانڊ ڪانوئي نديڙي ڪک تائين جيڪي سڀي جڳت کي ناس ڪرڻ ڪانپوءِ منهنجيءَ "مان" کي ناس نٿا ڪري سگهن اهو "مان" ڪهڙو نہ عجيب آهيان. منهنجو مونکي نمسڪار.

مان تہ آنند جو خزانو آهيان. دک ڇا آهي، سک ڇا آهي، ڊپ ڇا آهي، غم ڇا آهي ۽ چنتا ڇا آهي انهيءَ جي مونکي ڄاڻ نہ آهي. مان تہ سڀاو کان ئي بيڌ ٻو آهيان. انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ مان پاڻ پرميشور آهيان. مونکي ڀلا ڇا جو ڊپ. مونکي ٻ پچاري ئي ڪير

آپدائن جا پهاڙ اهي سڀ تنهنجا ئي اپايل آهن. تون ٻنهين جو سوامي آهين.

هي پيارا تنهنجي ورات سروپ ۾ سنسار روپي لهرون تنهنجي سڀاؤ سان ئي لهن ۽ چڙهن ٿيون. تنهن ۾ تنهنجو نڪو نفعو آهي ۽ نه ئي نقصان ٿو. نه انهن کان تون الڳ آهين ئي ڪونه، پوءِ ڪنهن کي ڳرهڻ ڪرڻ، ڪنهن سان موه رکڻ، ڪنهن کان اپرڪا ڪرڻ وغيره وچار ڪري پريشان ٿو ٿئين.

هن ڪوڙي اندر جال مثل سنسار سان موه نه ڪر، هي سنسار انسان تنهنجو هيءُ استول سرير آخر تائين قائم رهي پوءِ ڀلي هميشه ئي انهيءَ جو ناس ئي وڃي، تو کي ڇا جو ڊپ، تون نه چيتنيه آهين.

اها ڳالهه ته هن سنسار روپي ساگر ۾ رچو تون ئي ٿيو آهين، تون ئي آهين ۽ اڳتي به تون ئي رهندين، تنهنجو نه بندن آهي نه مڪتي. اهو وچاري سکي ره.

هي چيتنيه روپ! سنڪلپ ۽ وڪلپ سان پنهنجي چت کي دکي نه ڪر، من کي شانت ڪري پنهنجي آنند ميه سروپ ۾ مست ره.

ڀرم درشٽيءَ کي ڇڏي ڏي. ڪنهن به ڀاونا سان ڪنهن به شيءِ کي نه ڏس. جيڪڏهن ائين نه ڪندين ته انياءُ ۽ ڀرو ئي ڀرو ڏسڻ ۾ ايندءُ.

ڀڙ رچو اسانجي خيالن جي اپج آهي.

جي پيرن تي پٽي ڦٽي ڪري. پوءِ تنهنجو آنند روپ
اٿاهه ساگر ۾ لهرون هڻندو نظر ايندو.

ڇا توکي پنهنجي ايهم ٽتو هجڻ تي شڪ يا گمان
آهي؟ پنهنجي من ۾ اهڙي شڪ ۽ شنڪا ڪرڻ کان
پنهنجو پاڻ کي بندوق جي گولي هڻڻ وڌيڪ بهتر آهي.

گنڀير کان گنڀير تڪليفن ۾ به پنهنجو مانسڪ سنتلن
نه وڃاءِ. نيچ ۽ اگياني لوڪ تو لاءِ ڇا ٿا چون انهيءَ
جي تون پرواهه نه ڪر.

جيڪڏهن توکي سنساري لوڪ ۽ ٽمڪيون نه
لوڏائين ته تون ضرور سمجهي سنسار کي لوڏائي ڇڏيندين
انهيءَ ۾ جيڪو به شڪ ٿو ڪري اهو ڪافر آهي.

مهنجا مانسڪ شڀ ۽ اشڀ ڪرم ڪي به نه آهن.
نه شاريرڪ شڀ ۽ اشڀ ڪرم مهنجا آهن ۽ نه وري
زبان (واچڪ) جا شڀ ۽ اشڀ ڪرم مهنجا آهن،
مان پنهنجي سڀاءُ کان ئي نراڪار هر هنڌ حاضر آتما
آهيان. مان نه اوناشي انمٽ شڌ ۽ وگيان سروپ آهيان
مون کي نه اها ڄاڻ ئي ڪونه آهي ته سک ۽ دک ڇا
کي چئبو آهي ۽ ڪنهن کي ڏيندو آهي.

سڀني ۾ جيڪي وڻندڙ ۽ من موهيندڙ واقعا ٿين
ٿا سي اهي تنهنجا ويچار آهن ۽ جيڪي ڀيانڪ ۽
ڊيڄاريندڙ نظارا آهن اهي تنهنجا ڪرتوت آهن. بلڪ
اهڙيءَ ريت سنسار ۾ من موهيندڙ واقعا هجن يا

ويدانت جو مت آهي تہ اسين بندنن ۾ ٻڌل نہ آهيون. اسان تہ سدائين مُڪت آهيون. ايترو ٿي نہ بلڪ اهو سوچڻ تہ اسين ٻڌل آهيون، انشت ڪار آهي، پاپ آهي. جيئن ٿي تو چيو تہ مان بندنن ۾ ٻڌل آهيان نبل آهيان، بي سهاري آهيان تيئن ٿي تنهنجي بدنصيبي شروع ٿي ويندي.

انهيءَ ڪري اهڙي ڳالهہ ڪڏهن نہ چئجانءِ ۽ نہ وري اهڙيءَ طرح سوچجانءِ.

ودوانن، فيلسوفن، پرڪانڊ پنڊتن جون ڌمڪيون ۽ ونٿيون، آلوچنائون ۽ رضامنديون، برهم گيانيءَ تي ڪو بہ اثر نٿيون ڪن.

ٻئي جو ڀلو (پرهت) ڪرڻ لاءِ ٿورو بہ ڪم ڪرڻ سان تنهنجون اندر جون شڪتيون جاڳن ٿيون. ٻين جي ڪلياڻ ڪرڻ جو ويچار سان ٿي هردي ۾ شينهن وانگر بل اچي ٿو وڃي.

جيڪو اجايو وقت نٿو وڃائي، بي مطلب ۽ فالتو ڳالهيون نٿو ڪري، ڪسنگ کان پري آهي، اهڙي ڀاڳيوان انسان کي جي تتو گياني گرو ملي وڃي تہ سمجهہ تہ سندس آخري جنم آهي. مورکن جي ڪلپنائن کي ۽ جڳت جي شين کي لوڪ جيترو سچ ٿا سمجهن اوترو جيڪڏهن مهاپرشن جي وچن کي سچ مڃين تہ پوءِ اهڙو ڪير آهي جيڪو مڪت نہ ٿي وڃي! اهڙي

هيءُ سڀ ٻڌ ٻڌڃ، هيءُ سڀ جهميلا اسانجا خيال آهن. اسانجون ڪلپنائون آهن. پوءِ ٻڌاءِ تہ اسين ڪنهن کان ڊڄون ۽ ڪنهن جي اڇا ڪريون.

سدائين شينهن وانگر بيڊپو ٿي رهه. ڪڏهن بہ ڪنهن کان بہ نہ ڊڄ.

ويدانت مطابق هيءُ سڄو سنسار تنهنجو ئي آڀاس آهي. تنهنجو ئي سنڪلپ آهي. پوءِ ڀلا تون پنهنجو پاڻکي ڏٻن هين ۽ پاپي ڇو ٿو سمجهين؟ ڇو نہ پاڻکي بيڊپو سوالمبي ۽ پرماتما جو اوتار ٿو سمجهين؟

هر طرح جو دک، چنتا، غم، ڀس ڀرم آهن. جڏهن دک جي ڳالهہ تنهنجي اڳيان اچي تہ ڀرم سمجهي ٽاري ڇڏ.

ڊپ ۽ گمان ئي تنهنجيءَ مصيبت جا سبب آهن. ڪنهن بہ ڳالهہ کان وچلت نہ ٿيءُ ۽ نہ وري عجب کاءُ. اڳياڻي ۽ مورکن جي وچن کان بہ توکي ڊڄڻ جي ضرورت نہ آهي.

پرماتما جي شانتيءَ ۾ وگهن وجهڻ جي ڀلا ڪنهن ۾ طاقت آهي؟ جيڪڏهن تون سچ پچ پرميشور آهين تہ پوءِ ڀلي سڄو جڳ اوندو ٿي ٽنگجي پوي پر تنهنجي شانتي ڪڏهن بہ ڀنگ نہ ٿيندي.

گنڀير کان گنڀير تڪليفن ۾ بہ پنهنجو دماغي توازن وڃائڻ جي ضرورت نہ آهي. معمولي ابوجهہ جيو تنهنجي خلاف ڇا ٿا چون، انهيءَ جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪر.

پوءِ ويچارن کي ٿورو پڙهندو وڃ. ڪنهن نديءَ ڪناري، ڪنهن درياهه جي ڪپر تي جتي ته ايڪانت هجي اتي ڇهه قدمي ڪر. جڏهن جڏهن توکي موقعو ملي کليل جڳهه ۽ قدرت جي سندر ۽ شانت واتاورڻ ۾ ويهندو رهه. اتي گهم، نچ ٽپ، ڳاءِ ٽپا ڏي ويهه وري اٿ. هن پاون پستڪ سان جيسين تنهنجو ساڪشاتڪار نٿو ٿئي تيستين پاڻ سان ساٿ رک ۽ هن ويچارن ۾ ليِن ٿي وڃ. پوءِ ڏس ته سنسار جون پريشانيون، لوڪن جو مهاڄار، دشمن جي نندا ۽ ڏکيون. متر جو موهه... ممتا. سنتاڙين جون ڏکيون ۽ هر طرح جون پريشانيون تو وٽان ڪوچ ڪن ٿيون يا نه؟ جيڪڏهن نٿيون ٿين ته مون سان ملو.

سج اڀرڻ کان اڳواٽ سنان ڪجي، تنهن کان پوءِ ١٠-١٥ منٽ پراڻايام ڪجي ۽ پوءِ اونڪار جي پوتر ڌونيءَ کي گونججڻ ڏيو. اکيون اڌ کليون رکي اڀرندڙ سج ڏانهن پريم سان نهار. تنهنجي اندر ۾ گيان... سورج اڀرندو محسوس ٿيندو. آڪاش ۾ سورج ديوتا اڀرندو هوندو ته تنهنجي چت روپي آڪاش ۾ چيتنيه اڀري رهيو آهي.

ॐ آنند! ॐ آنند! ॐ آنند! مستيءَ ۾ ليِن ٿي هن پوتر پستڪ جا ڪجهه جملا پڙهندو رهه... وري ويچارن ۾ گم ٿي وڃ. وري پڙهه ۽ وري من کي انهن

ڪھڙي مڪتي آهي جيڪا سندس هٿن ۾ نہ هجي!

توکي جيترو ڏسڻو هئو، جيترو ٻولڻو هئو، جيترو ٻڌڻو هئو ۽ جيترو گھمڻو هئو ۽ جيترو سکڻو هئو اوترو تون ڪري چڪين. هيئر جنهن سان ڳالهائبو آهي، جنهن سان ٻڌبو آهي ۽ سمجھبو آهي انهيءَ ۾ لين ٿيڻ ئي تنهنجو فرض آهي. اها ئي تنهنجي عقلمندي آهي، ورنا جڳت جو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ختم نہ ٿي نہ ٿيندو، ٻنهي ئي ختم ٿي ويندا. انهيءَ ڪري ڪرپا ڪري ٿورو بيھ! ها بيهي وڃ ... گھڻوئي ٿي گذريو ... ڀٽڪڻ بند ڪر. ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ گھمڻ کي ڀنجو ڏي.

لين ٿي وڃ ... ها، لين ٿي وڃ. پنهنجي نج سروپ ۾ لين ٿي وڃ. تون اهوئي آهين ... بلڪل اهو ئي سمجھ تہ تون اهوئي آهين ... تون اهوئي آهين - اوم اوم ... اوم. واه سائين واه!

ॐ آنند! ॐ آنند!! ॐ آنند!!

اياڻو انسان پلي انهن ويچارن کان ڀڄي، انهن ويچارن کي پنهنجي هردي ۾ جڳھ نہ ڏئي پر هن ڪلياڻڪاري شڌ ۽ منگل ڪاري ويچارن کي ڪو نہ سياڻو پڙهندو ۽ انهيءَ آتم رس ۾ ٻڏي ڏيندو جنهن مان سڀ ڏسجي ٿو، سڀ ٻڌجي ٿو ۽ سڀ سمجھجي ٿو. سدائين ٻاهر مکہ رهڻ آهي پنهنجو پاڻکي دوکو ڏيڻ.

صبح جو سويل اُٿي سنڀر لاءِ نڪري وڃ ۽ هنن

پريم جو سبق ڪير پڙهائيندو. تون پريم سروپ ۾ پڏي وڃ. اهوئي آهي آنند روپي ساگر ۾ پڏڻ جو رستو ... پڏي وڃ ... پڏي وڃ.

همت ڪر، صبر نہ ڇڏ. هزارين دفعا ناڪامياب ٿيڻ ڪانپوءِ بہ هڪ قدم اڳتي وڌاءِ ... وري وک وڌاءِ. وري وک وڌاءِ. سڦلتا ضرور ملندي. شنڪا ۽ گمان اصل دل مان ڪڍي ڇڏ.

جن ويچارن سان ۽ جن ڪرمن سان تنهنجي من جي چنچلتا، تنهنجي دل جو پڙ ۽ اَشانتي وڌي ٿي انهن ويچارن کي وه (زهر) وانگر ڪڍي ڦٽو ڪر ۽ پنهنجي وچ ڪنهن سچت، شانت سروپ، پريم مورت نردوند، نراميہ سروپ ۾ مست رهندڙ ڪنهن فقير جي چرڻن ۾. انهي جيڪو سهيوگ ۽ سهڪار توکي ملندو انهنجي رحم جي نظر سان ملندو. اهو نہ چاندرائڻ ورت رکڻ سان ملندو ۽ نہ وري گنگا جي اشنان سان. ڪاشي مڪو مديو ۽ بين تيرٿن پهچڻ سان بہ توکي اهڙو فائدو ڪو نہ ملندو جيترو توکي آتم گياني مهاپرش جي توڪي درشني پوڻ سان حاصل ٿيندو. پوءِ تہ تون مستيءَ ۾ مست ٿي چوندين تہ:

ڪر سنسڪ هاڻي تون پيارا
تہ تہ ڏاڍو پڇتائيندين
طعام کاني جا دبه وڌائين

خيالن ۾ ٻڏل ڏي. اھڙو آدر سان شرڌا سان، سک سان اڀياس ڪندو رھ. سڀني پريشانين کان ڇٽڻ جي ھيءَ سنڌر ۾ سنڌر ڪنجي آھي.

سدائين شانت رھ. مات جو مزو وٺ. گھٽ ۾ گھٽ دوسمت ٺاھ. ٿوري ۾ ٿوري سنسار جي ڄاڻ رک ۽ گھڻي ۾ گھڻو آتم گيان جي ويچارن سان پنھنجي دل ۽ دماغ کي ڀري ڇڏ. ڀري ڇڏ بابا ... ڀري ڇڏ.

ڪافي وقت گذري چڪو آھي. تون ڪافي ڄاڻي چڪو آھين. ڪافي ٻڌي ڏسي ۽ ٻولي بہ چڪو آھين.

ॐ شانتي ...... شانتي ...... شانتي!

مونکي ويد پراڻ قرآن سان چاھ،
مونکي سچ جو سبق سيکاري ڪوئي.
مونکي مندر مسجد وڻو نہ آھي.
مون تي پريم جو رنگ لڳائي ڪوئي.
جتي ندي وڏي ۾ فرق نہ آ.
جتي ذات پات جو فرق نہ آ.
جتي مندر مسجد چرچ نہ آ.
جتي پوڄا ۽ نماز ۾ فرق نہ آ.
جتي سچ ئي سار آ جيون جو.
جيون سينگار آ تياڳ جو.
جتي پريم آ پريم جي سرشٽي آ.
ھل ھيڙي ڪٽي ملاح اتي.

سا ٻہ چتا ۾ جلائيندين
ڪر ستسنگ هاڻي تون ڀ
همت ٿي رهندءِ مال خزانو
ساڻ نہ هلندءِ هڪ ڪوڏي
بس رهندو تنهنجو افسانو
باقي خاڪ ملائيندي
ڪر ستسنگ هاڻي تون ڀ

نام مست کو مال مست ۽ چام مست پڻ آ ڪو
پل پل آ جو رام مست، تون ٻڻ مستانو سو
نام مست کي مليو نہ نالو، مال مست کي مليو نہ
جسم مست کي جسم مليو نا، مليو اٿس جڏ
نام ديواني کي ٻر آ هي مليو رام جو نـ
رام نام جي اڳيان هن لاءِ ڦڪا آهن سڀ ط
ڇو نيڪ آهي نہ؟ ڪندين نہ همت؟ ڪمر ڪشيند
نہ؟ ٻلوان ٿيندين نہ ...؟ آخرين سچ ڏانهن ڀڄند
نہ؟ اٺ اٺ ... شاباس ... همت ڪر. منزل و
آهي. منزل ٻري ڪونہ آهي. هيءَ ڳالهہ انهيءَ ض
آهي. جلدي سمجهہ ۾ بہ ڪونہ ايندي. ٻر ٻاگيہ ولڪ
يا سڪديو وانگر ڪو مهاپرش ملي وڃي ۽ سمجهہ ۾ ا
وڃي تہ جيون جي سڀني ڪٽ پٽ ٿي ختم ٿي ويند

ॐ آنند ॐ آنند ॐ آنند.

ڀڄن

ڀڳو ٿم اچڻ ٿا ڀڳوان ڀرم وارا،
اچڻ ٿا اچڻ ٿا اوچن جي مان آهيان،
سنڀاليم ٿي جن کي هردي جي منجهارا...

١- ڀڳم ڳالھ جڏهن ڀڳوان جي اچڻ جي،
ٿڏهن کان اندر ۾ خوشين جا خمارا...

٢- ڀڳوان جي اچڻ جي ڏني جنهن خبر آ،
گهوريان موتي ٿن تان هيرن جا هنبارا...

٣- چڙهي جنهن گاڏيءَ ۾ ڀڳوان مون ڏي ايندا،
چمان ٿنهن گاڏيءَ جا ڦيٿا ڦرڻ وارا...

٤- پيمر ڏيو واڌايون خوشيون ٿي منايان،
لڏي سار جوڳين ننگ پنهنجو جاڳي،
هيس ڪين لائق پلاڀون ٿي پانيان...

٥- هزارن انهن ج مٿان موٽي تورا،
سگهان ڪين لاهي نمي سر نمايان...

٦- هلو ڀرامي گنجي گرن کي ونڻ لاءِ،
وڃن ڀگل ڀاڃا ڪنجيون مان وڃايان...

٧- هليا هوت سڀڙي شهر کان گهمڻ لاءِ،
کهي "ٿيمون" هي ٿي اگڻ منهنجي آيا،
سڀئيون اڄ مان پنهنجا ڀلا ڀاڳ پانيان...

"ڀڳوڪا پرنٽرس" اُلهاس اسٽيشن روڊ، الهاسنگر-٣